# قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي رحمة الله عليه
# جون علمي ۽ ادبي خدمتون
# The Literary Services of Qazi Sanaullah Pani Pati

**نظر حسين چانڊيو**

***Abstract:***

*It in this research paper there are deeply studied about the literary services of Qazi Muhammad Sanaullah Pani Pati R A that qazi Sahib was related to Hindustan (India) which is Pani Pat. About the birth of Qazi Sahib, Village, and early education, then the teacher and then the services of Qazi Sahib. there are forty five books of Qazi Sanaullah Pani Pati R A which are on different topics. Every books have its title, simple introduction, while it is published or manuscript. Every book has how many chapters, and the title of the chapters which are consists on many fields are studied. In last importance of this research paper and results are also discussed. And the sources of this research paper are also recorded according to research methodology.*

## تعارف:

قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي رحمة الله عليه جن جو تعلق اهڙي خطي سان آهي، جنهن کي، علماء جي سرزمين، ڪوٺيو وڃي ٿو. هڪ اهڙي سرزمين جتان علماء پوري زندگي انسانيت جي فلاح و بهبود، حق جي راهه ڏي خلق خدا کي مائل ڪرڻ ۾ صَرف ڪري پنهنجو نالو رهندي دنيا تائين تاريخ جي سونهري حرفن ۾ رقم ڪرائي ڇڏيو انهن علماء منجهان قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي رحمة الله عليه جو به نالو سرِ فهرست آهي .

سندس مڪمل نالو محمد ثناء الله آهي ، ولادت 1371 ع ۾ پاڻي پت جي ڳوٺ قاضيان ۾ ٿي ۽ پنهجي زندگيءَ جو ڪافي حصو اتي ئي گذاريو. والد جي وفات کان پوءِ سندس پرورش وڏي ڀاء قاضي فضل الله ڪئي. سندس والد جو نالو قاضي محمد حبيب الله عثماني هو جيڪو پاڻ به هڪ جيد عالم ۽ هڪ ڪامل صوفي هو ۽ سندس والده جو نالو

بادشاهہ بيگم هوءِ ان جو والد عابد سنامي جو خليفو هو. ”سندس خانداني تعلق حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سان ملي ٿو, جنهن سبب پاڻ ”عثماني“ لقب سان سڏيا ويندا آهن .“ (1)

## القابات:

حضرت شاهہ عبد الحق محدث دهلوي رحمة الله عليه ”بيهقي وقت“ جو لقب قاضي صاحب کي عطا فرمايو , سندس مرشد خواجہ مظهر جان جان ”علم الهديٰ“ جو لقب عطا فرمايو جڏهن تہ عام علماء سندس ثناء الله جي بجاءِ ”سناء الله“ (الله جي چمڪ) جي لقب سان ياد ڪندا آهن . انهن لقبن منجهان قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي جي روحاني منزلت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

## سندس تعليم:

سندس ننڍپڻ جي زندگيءَ جي باري ۾ ڪنهن بہ تاريخدان ڪو خاص احوال نہ ڏنو آهي, البتہ ڪجهہ علماء جو خيال آهي تہ قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي ننڍپڻ جي زندگي پنهنجي والدين سان گڏ گذاري. پاڻ ستن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيائون. ان کان بعد علوم عقليه و نقليه جي تحصيل ۾ مشغول رهيا . ان تعليم جي حصول جي سلسلي ۾ دهلي جو سفر ڪري حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه وٽ علم حديث جو علم حاصل ڪيائون. 16 کان 18 سالن جي عمر ۾ تمام علوم مڪمل ڪري پنهنجي وطن واپس آيا ۽ باقي زندگي درس و تدريس , فتويٰ, تاليف, نشر علوم ۾ گذاري مخلوق خدا جي خدمت ڪئي.

## بيعت و خلافت:

قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي رحمة الله عليه نقشبندي سلسلي جو بزرگ آهي , نقشبندي سلسلي جو سالار حضرت بهاء الدين نقشبند آهي. حضرت شيخ محمد عابد سنامي جي هٿ تي بيعت ڪئي, ان کان پوءِ شيخ جي حڪم تي حضرت پير مظهر جان جانان جي هٿ تي بيعت ڪري ڪسب فيض ڪيو, جنهن جي نسبت قاضي صاحب جي مشهور تصنيف ”تفسير مظهري“ پنهنجي مرشد حضرت پير مظهر جان جانان رحمة الله عليه جي طرف ڪئي آهي ۽ ”تفسير مظهري“ عربي زبان ۾ هڪ شاهڪار تاليف آهي جا

قاضي صاحب عجمي ٿي ڪري عربي زبان ۾ هڪ اهڙو تفسير لکيو جيڪو صرف، نحو، فقهي مسائلن سان گڏوگڏ تصوف جا راز بہ ظاهر ڪري ٿو. قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي جو مقام ۽ مرتبو ان مان ظاهر ٿئي ٿو جو سندس مرشد پير مظهر جان جانان رحمة الله عليه فرمايو تہ "جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن مون کان منهنجي رب پڇا ڪئي تہ منهنجي لاء ڪهڙو تحفو آندو آهي تہ آءُ عرض ڪندس تہ اي باري تعاليٰ! آءُ قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي رحمة عليه کي وٺي آيو آهيان". (2)

## سندس علمي ۽ ادبي خدمتون:

قاضي ثناء الله پاڻي پتي مختلف موضوعن تي 45 ڪتاب لکيا. انهن جو تفصيل هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

### 1. التفسير المظهري:

هي تفسير، تحقيق جي دنيا ۾ هڪ وڏو شاهڪار آهي ان جي اهميت ۽ افاديت جو اسلام جا عالم اعتراف ڪن ٿا. جنهن جون تمام گهڻيون خصوصيتون آهن . هي تفسير ڏهن جلدن تي مشتمل آهي. هن تفسير کي قاضي صاحب پنهنجي مرشد مرزا مظهر جان جانان جي طرف منسوب ڪيو. هن تفسير جو انداز محدثاڻو آهي . هي تفسير قديم علماء جي تاويلات ۽ اقوال جو جامع آهي . هي تفسير عربي زبان سان تعلق رکي ٿو ۽ اردو ۾ ترجمو ضياء المصنفين پيره شريف جي ٽن فاضلن سر انجام ڏنو ۽ پنجاھ کان وڌيڪ فاضلن هن تفسير جي مصادر ۽ مراجع جي تخريج ڪئي آهي .

### 2. حليہ شريف:

هي ڪتاب حليہ شريف جي نالي سان مشهور آهي هن ڪتاب ۾ قاضي صاحب مصطفيٰ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جا شمائل بيان ڪيا آهن، يعني مصطفيٰ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حسن ۽ جمال جو ذڪر بيان ڪيو آهي . (3)

هي ڪتاب، اصل ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل هو، جيڪو پنهنجي مرشد جي حڪم سان قاضي صاحب عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب ڇهن جلدن ۾ آهي. سيرت نبوي صلي الله عليه وآله وسلم متعلق آهي . (4)

هن ڪتاب ۾ 11 باب آهن جيڪي مختلف موضوعن تي ٻڌل آهن جن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي صورت مبارڪ، عقل، اخلاق، حسن معاشرت، عدم

انتقام، هيبت، رحمت ۽ زهد وغيره جو ذڪر آهي. هي ڪتاب دهلي جي لائبرري ۾ مخطوطي جي صورت ۾ موجود آهي .

### 3. رسالہ چهل حديث مع شرح و بيان:

هي ڪتاب حديث ۽ اصول حديث جي فن ۾ آهي جيڪو قاضي صاحب اربعين نووي جي طريقي تي لکيو هو . هن ڪتاب جو هڪ ئي نسخو آهي جيڪو ابو الحسن زيد دهلوي وٽ دهلي شهر ۾ موجود آهي .

### 4. ما لا بد منہ:

هي ڪتاب نماز ۽ ٻين عبادتن جي مسئلن تي مشتمل آهي جنهن جو پڙهڻ سيني جي مٿان لازم آهي . ما لا بد منه جي لفظي معنيٰ آهي- اهڙو ڪتاب، جنهن کان جدا رهڻ ممڪن نہ هجي . (5)

هي ڪتاب مدارس ۾ تعليم جي نصاب ۾ شامل آهي . هي ڪتاب علماء ، فقهاء جي لاء اهم آهي . نون بابن تي مشتمل آهي، ڪتاب الطهارة ، ڪتاب الايمان ، ڪتاب الصلواة ، ڪتاب الجنائز ، ڪتاب الصوم ، ڪتاب الزڪواة ، ڪتاب التقويٰ ۽ ڪتاب الاحسان وغيره شامل آهن.

### 5. فتاويٰ مظهريہ:

هي ڪتاب قاضي صاحب جي فتوائن جو مجموعو آهي، جيڪي قاضي صاحب مختلف سوالن جي جواب ۾ مختلف وقتن تي لکيون آهن . هن ڪتاب کي مولانا قاضي عبد السلام بن مولانا دليل الله ترتيب ڏنو. ڪتاب جو هڪ مخطوطو مولانا ابو الحسن زيد وٽ دهليءَ ۾ موجود آهي . (6)

### 6. الماخذ الاقويٰ:

هن ڪتاب ۾ قاضي صاحب جو فڪر ۽ موقف بيان ٿيل آهي. هن ڪتاب جو بہ مخطوطو مولانا ابوالحسن زيد وٽ دهليءَ ۾ موجود آهي .

### 7. رسالہ فقہ در مذاهب اربعہ:

قاضي ثناء الله جيتوڻيڪ چئني فقهن جو فڪر پنهنجي تصنيف "تفسير مظهري" ۾ بيان ڪيو آهي پر هي ڪتاب عليحده فقه جي چئني مذهبن تي تصنيف ڪيائين ۽ ان جو حڪم سندس مرشد مرزا مظهر جان جانان ڪيس ڏنو . هي ڪتاب بہ مخطوطي جي صورت ۾ شيخ ابو الحسن زيد وٽ دهليءَ ۾ موجود آهي. (7)

## 8. فتاويٰ دربار عاشوره:

هن فتويٰ ۾ قاضي صاحب عاشوري جي ڏينهن ۾ حضرت امام حسين عالي مقام عليه السلام جي شهادت تي نوحه پڙهڻ، منهن تي ۽ سينن تي ڏک هڻڻ کي نا جائز قرار ڏئي دليلن سان ثابت ڪيو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي ته انهن شين سان اهلِ بيت جي محبت ۾ اضافو ڪونه ٿو ٿئي.

## 9. فتويٰ در جواز تقليد:

هن فتويٰ ۾ قاضي صاحب ثابت ڪيو آهي ته عام مسلمانن کي تقليد ڪرڻ جائز آهي، واضح دليلن سان هن ڳالهه کي ثابت ڪيو اٿس.

## 10. فتويٰ دربار اراضي هند:

هن موضوع تي به رسالہ ۾ سوالن جي جواب ۾ قاضي صاحب لکيا آهن. جيڪي هندستان جي زمين جي ملڪيت ۽ ان جي اختيار جي باري ۾ آهن. انهن ٻنهي رسالن ۾ ثابت ڪيو اٿس ته هندستان جي زمين خراجي آهي يعني هندستان جي حڪومت جي ملڪيت ۾، ۽ ان جي اختيار ۾ آهي پر حڪومت ان کي وڪڻڻ جي طاقت نه ٿي رکي سگهي ۽ ان کي ان ڳاله جو حق نه آهي . (8)

## 11. منار الاحکام:

هن رسالي ۾ قاضي صاحب اصول فقه جا موضوع تفصيل سان بيان ڪيا آهن ۽ هن ڪتاب جو حوالو پنهنجي تصنيف "تفسير مظهري" ۾ به ٻن جاين تي ڏنو اٿس. هڪ مقام تي لکي ٿو ته "هذه مباحث طويلة التي کتبنا في منار الاحکام مفصلا" (9)

جڏهن ته ٻئي مقام تا لکي ٿو ته " ذکرنا تفصيل حديث البراء و حديث الربيع بن صبرة في منار الاحکام" . (10).

پر هن ڪتاب جو ڪو به نسخو موجود نه آهي، شايد عدم توجه جي ڪري ضايع ٿي ويو آهي.

## 12. رسالہ پنج روزي:

هي رسالو به اصول فقه جي موضوع تي آهي، پنهنجي مرشد جي حڪم سان لکيائين ، اها ڳاله عبدالرزاق قريشي هن ڪتاب جي تشريحات ۾ لکي آهي، هي ڪتاب پڻ ابو الحسن زيد وٽ دهلي ۾ موجود آهي .

## 13. سيف الملوڪ:

هن ڪتاب ۾ مختلف مسئلا بيان ٿيل آهن جيڪي اهل سنت ۽ اهل تشيع جي وچ ۾ متنازع آهن . قاضي صاحب اهل سنت جي دليلن کي ثابت بہ ڪيو آهي ۽ ان جي حمايت بہ ڪئي آهي . هن موضوع تي هندستان ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن، جيئن مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي ”المقدمة السنية في انتصار فرقة السنية“ تصنيف لکي آهي ۽ اهڙي طرح شاه عبد العزيز محدث دهلوي ”تحفه اثنا عشريه“ لکيو آهي، قاضي صاحب جو هي ڪتاب، ان سلسلي جي ڪڙي آهي. هي ڪتاب چند ابتدائي ڪلمات، مقدمه، ستن مقالن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي. (11)

## 14. رسالة در رد متعہ:

هي ڪتاب پڻ هڪ متنازع ۽ مختلف فقهي مسئلي تي آهي جنهن ۾ اهل سنت و الجماعت ۽ اهل تشيع جو اختلاف آهي ۽ اهو مسئلو متنازع آهي اهل سنت والجماعت وارا ان جي جائز هجڻ جا انڪاري آهن ۽ اهل تشيع وارن ان کي جائز ثابت ڪيو آهي. هي رسالو پڻ غير مطبوعو (اڻڇپيل) آهي. (12)

## 15. رسالة وسيلة النجاة:

هي رسالو پڻ مذڪوره رسالن وانگر آهي پر هن ۾ تحرير جو طريقو مختلف آهي اڳين ٻنهي رسالن ۾ قاضي صاحب جزئيات ۽ فروعيات جو بحث ڪيو آهي جڏهن تہ هن رسالي ۾ اصولي طريقي سان بحث ڪيو آهي ۽ عقلي ۽ نقلي طريقن ۽ دليلن سان نجات جو ذريعو واضح ڪيو آهي . هن ڪتاب ۾ قاضي صاحب ڪو بہ باب وغيره ڪونہ رکيو آهي پر تسلسل سان لکيو اٿس . (13)

## 16. ارشاد الطالبين:

هي ڪتاب علم تصوف جي باري ۾ آهي، هي ڪتاب ٻن عربي ۽ فارسي ٻن زبانن ۾ آهي . هن ڪتاب جي لکڻ جو سبب هي آهي، قاضي صاحب فرمائي ٿو تہ گهڻا ماڻهو ولايت ۽ تصوف جا منڪر ڏٺا، ايسيتائين جو ڪجهہ ماڻهن کان ائين چوندي ٻڌم تہ ولي اڳئين زماني ۾ هوندا هئا، هن وقت يعني هن زماني ۾ ڪو بہ ولي ڪونهي ۽ ڪجهہ وري عقيدو رکن پيا تہ بيشڪ ولي معصوم آهن يعني گناهن کان پاڪ آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو وري اهڙن جاهلن جي بيعت ڪن پيا جن کي فرائض اسلام ۽ ڪفر جي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي ، ان سبب جي ڪري مون هي ڪتاب عربي زبان ۾ لکيو ۽ وري

دوستن جي مطالبي تي ان ڪتاب کي فارسي زبان ۾ بہ لکيم تہ جيئن گھڻا ماڻھو فائدو حاصل ڪري سگھن. (14)

## 17. ازالة العنود في مسئلة السماع ووحدة الوجود:

هي ڪتاب پڻ ٻن رسالن تي مشتمل آهي جيڪي تصوف جي هڪ اهم موضوع تي مشتمل آهن. اهي موضوع سماع ۽ وحدة الوجود آهن. اهي ٻئي موضوع تصوف وارن وٽ متنازع آهن سماع جو مسئلو ڪجھہ سلسلي وارن ۽ ظاهري عالمن جي وچ ۾ متنازع آهي ۽ اهڙي طرح وحدة الوجود جو مسئلو علامہ ابن عربي ۽ مجدد الف ثاني جي وچ ۾ اختلاف جو سبب آهي. هن موضوع تي ڪتاب لکڻ قاضي صاحب جي تصوف تي قابليت جو مظهر آهي .

## 18. ڪيفية المراقبة و اذڪار الشريفة:

قاضي صاحب مراقبي ۽ سلسلہ نقشبنديہ مجدديہ جي ذڪر و اذڪار جي باري ۾ هي ڪتاب تصنيف ڪيو، هن رسالي ۾ سالڪ جي ڪيفيات , سير المريدي، سير المرادي، ولاء الوريٰ, حجابات نورية وظلمة وصفاتية وشيونية ۽ مراتب خير ذڪر ڪيا آهن .

## 19. حڪم السرود و مزامير:

هن رسالي ۾ قاضي صاحب سماع ڪرڻ ساز سرود سان گڏ ۽ ساز سرود جو استعمال ڪرڻ جي باري ۾ لکيو آهي . ان ۾ بيان ڪيو اٿس تہ جڏهن ڪو ماڻھو ڪنهن ماڻھو کي سماع واري ڪيفيت ۾ ڏسي تہ ان کي گھرجي تہ ان جي لاء سٺو گمان ڪري ڇو تہ دين ۾ هر ڪنهن جي لاء سٺو گمان رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي .

## 20. تقديس والدي مصطفيٰ:

هي ڪتاب قاضي صاحب علامہ جلال الدين سيوطي جي اثر ۾ لکيو آهي ۽ ان جي ڪتابن مان تمام گھڻا دليل ورتا اٿس، هن ڪتاب ۾ محبوب ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جي والدين جي ايمان، تقديس ۽ فضيلت کي ثابت ڪيو ويو آهي . هن ڪتاب جو ذڪر تفسير مظهري ۾ بہ آيل آهي . (15)

ان کان علاوه بہ ڪافي ڪتاب مختلف موضوعن تي قاضي صاحب جا لکيل آهن علم الاخلاق ۾ حقيقة الاسلام نالي ڪتاب آهي جڏهن تہ رسالة الاحقاف في رد اعتراضات شيخ عبد الحق عليٰ ڪلام المجدد الف الثاني، الشهاب الثاقب لطرض الشيطن المارض وغيره جو ذڪر اچي ٿو .

## اهميت و افاديت:

هندستان جو هي مايه ناز عالم قاضي ثناء الله پاڻي پتي جنهن پنهنجي سڄي ڄمار دين اسلام جي اشاعت ، ترويج ۽ پرچار ۾ صرف ڪري ڇڏي. سندس 45 کان وڌيڪ تصنيفات آهن. هن تحقيقي مقالي ۾ قاضي صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتن جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي. تقريباً ڪتاب جيڪي عربي ۽ فارسي زبان ۾ لکيل آهن. انهن مان ڪجهه ڇپيل ۽ ڪجهه اڻ ڇپيل آهن. انهن سڀني ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪيو ويو آهي تہ اهي ڪتاب ڪهڙي فن تي لکيل آهن ۽ انهن جي ضرورت ڇو پيش آئي ؟ لکڻ جا سبب ڪهڙا هئا وغيره. هن تحقيقي مقالي سان اسڪالرن جي لاء مفيد معلومات موجود آهي تہ اهي هن تحقيقي مقالي مان پنهنجي اڄ اڄهائي سگهن ٿا ۽ قاضي صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتن مان استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا. جنهن بہ موضوع تي چاهين ڪتاب کي پڙهي سگهجي ٿو ۽ پنهنجي تحقيقي ضرورت پوري ڪري سگهن ٿا .

## نتيجا:

قاضي صاحب جي زندگي ۽ ڪيل خدمتن جي گهري مطالعي کان پوءِ جيڪي نتيجا سامهون آيا آهن. انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

1. قاضي ثناء الله پاڻي پتي هندستان جو مايہ ناز عالم هو پر ڇو تہ تعلق هندستان سان هو ان جي ڪري عجمي (غير عرب) آهي پر عربي ۽ فارسي زبان ۾ اهڙيون تصنيفات پيش ڪيون اٿس جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ان سان قاضي صاحب جي عربي ۽ فارسي زبان تي دسترسي جو ثبوت ملي ٿو .
2. قاضي صاحب هڪ صوفي با صفا بزرگ هو. جنهن جو مثال نسبتن سان ملي ٿو تہ سندس مرشد جو نالو مظهر جان جانان آهي ۽ قاضي صاحب جو هڪ عظيم شاهڪار تفسير جيڪو عربي زبان ۾ آهي "تفسير مظهري" ان جي نسبت پنهنجي مرشد جي نالي ڏانهن ڪئي اٿس ان مان اهو ثابت ٿيو تہ زندگي مڪمل ضابطي جي اندر نسبتن کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي .
3. هن تحقيقي مقالي سان علم و ادب سان محبت رکڻ وارن جي لاء ڪجهہ نيون راهون بہ کلنديون جيئن مٿين قاضي صاحب جي بيان ڪيل ڪاوشن مان موضوع جي مطابق اهي پنهنجي مقصد واري تحقيق ڪري استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا.

4. تحقيق جي دؤران قاضي صاحب کي تصوف تي گهري نظر وارو بزرگ ڏٺو ويو . جيئن قاضي صاحب شريعت جا مسئلا اجاگر ڪيا آهن اهڙي نموني سان تصوف تي بہ سندس گهري نظر ۽ تحقيق آهي. قاضي صاحب نقشبندي سلسلي جو بزرگ هو پر چئني سلسلن تي گهرو مطالعو هوس. ان اعتبار سان تصوف جا عالم ۽ محقق بہ هن مضمون مان استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا.

## حوالا:


1. تذڪرة قاضي ثناء الله پاڻي پتي، ڊاڪٽر محمود الحسن، ادارة ثقافت الاسلامية.
2. اردو دائرة المعارف اسلاميہ، ج:6. ص: 1032، پنجاب يونيورسٽي لاهور.
3. عبد الحق محدث دهلوي، ڪلمات طيبات، ص:66.
4. عبد الرزاق قريشي، شمائل الترمذي، ص: 232.
5. مفتي محمد سعد الله، ما لا بد منه طبع و تخشية، ص:1.
6. عبد الرزاق قريشي، تشريحات مڪاتيب مرزا مظهر، ص: 232.
7. عبد الرزاق قريشي، تشريحات مڪاتيب مرزا مظهر، ص: 232.
8. مولانا نور الحسن راشد، معارف مقالا، ارضي هند کي شرعي حيثيت، اعظم ڳڙهہ 1975ع.
9. قاضي ثناء الله پاڻي پتي ، تفسير مظهري، ج:1، ص:230.
10. قاضي ثناء الله پاڻي پتي ، تفسير مظهري، ج:1، ص:219.
11. The contribution of India to Arabic Literature، زبير احمد، ص:115.
12. تشريحات، عبد الرزاق قريشي، ص: 231 کان 232 .
13. The contribution of India to Arabic literature ،زبير احمد، ص:86.
14. ارشاد الطالبين، قاضي ثناء الله، ص:688، مطبوعه لاهور.
15. تفسير المظهري، قاضي محمد ثناء الله، ج:1، ص: 121.